Ready to Print

www.mirfatehalishah.com

Written By **Mir Fateh Ali Shah**
Translation By **None**
Language **sindhi**
Catagory **Wake up Muslims**

# اسلام جو آغاز ۽ هاڻوڪو زوال

اڄ کان چوڏنهن سو سال پويان اگر ماضي جي عرب تي نظر ڊوڙائيندا ته توهانجي آڏو هڪ اهڙو معاشرو نظر ايندو جتي جو انسان ، درندگيءَ جي زندگيءَ جو قائل، خودغرضي جي زندگي ۾ پاڻ پتوڙيندڙ ملندو، عورت ۽ جانور ۾ ڀيو ڪوبه فرق نه هو سواءِ انجي اگر عورت ڏن واري آهي ته هوءَ انسانن ۾ ڳڻي ويندي هئي . قانون جو معاملو اهو هو جو اگر توهان ڪنهن به قافلي کي ڦري ٿا اچو ته اها شاناني ڳالهه ڄڻبي پر ان قافلي ۾ توهان پنهنجي ڪنهن عزيز کي به لٽي آيا ته حيف هجي اوهان تي .

اگر دل گهري سنگت اچي ويٺي ته سڄو اٺ کهڻ جي بجائي انجي هڪڙي ٽنگ ئي پچائڻ ڪافي آهي ، ان سان کهڙو فرق ٿو پئي جيڪڏهن اٺ تڪليف ۾ آهي .

جتي اگر ڪنهن عورت تي شرط لڳي ويٺي ته سندس پيٽ ۾ ٻار ڇوڪرو آهي يا ڇوڪري ته ان جو پيٽ تلوار سان چيري ڏٺو ويندو هجي، ته اتي ڪنهن جانور جي تڪليف جو ڇا احساس . مختصر عرض ته معاشرتي انڌيري ۾ رهندڙ هڪ قوم جنهن جي شعوري ارتقاءُ جو گمان ئي ڪنهن جي احساس ۾ نه هجي آس پاس جي بادشاهن مان ڪنهن به انهن تي حڪومت ڪرڻ نه چاهي هجي ، ڇاڪاڻ ته هڪ وحشي قوم جيڪا نفس پرستي جي عروج تي هئي اهڙي قوم کي هڪ تهذيب جي شڪل ۾ آڻڻ جو مقصد پنهنجي تهذيب کي خطري ۾ وجهڻ برابر هو.

سن 610 عيسوي ۾ انهيءَ عرب معاشري ۾ رهندڙ هڪ نوجوان هڪ اهڙي تجربي مان گذريو جو پوري قوم سري کان ئي تبديل ٿي ويٺي نه صرف اهو بلڪه ان انقلاب پوري دنيا کي پنهنجي رنگ سان رنگي ڇڏيو .

جي! هي گفتگو هلي رهي آهي عالمِ پناه جناب حضرت محمد ﷺ جي ، حضرت محمد ﷺ اها پهرين هستي هئي جنهن ان معاشري کي انڌيري کان روشني ڏانهن ، جهالت کان باشعور زندگيءَ ڏانهن نيڻ لاءِ هڪ تحريڪ جو آغاز ڪيو. شروع شروع ۾ ته سندن پيغام کي نه صرف رد ڪيو ويو ، بلڪه ڪين ڪيترين کي مشڪلاتن کي پڻ منهن ڏيڻو پيو جيڪي ڪين پنهنجي قوم جي طرفان سامهيون آيون.

حضرت محمد ﷺ پنهنجي معمول مطابق مڪي شهر جي آبادي کان ٿورو پريرو هڪ جبل جي غار ۾ وقت گذارڻ لڳا هئا ان عرصي دوران انهن کي هڪ تجربو پيش آيو . انهن هڪ غير مرعي وجود کي پاڻ سان مخاطب ٿيندي ڏٺو ، غير مرئي وجود جنهن کي بائبل روح القدس ڪوٺيو آهي .

روح القدس ! پڙهه

حضرت محمد ﷺ ! مان پڙهي ناهيان سگهندو

PDFmyURL easily turns web pages and even entire websites into PDF!

